Subject :- Sindhi (Std. IV)

## اسٽيٽ ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ اينڊ ٽريننگ، مهاراشٽر، پوني،

## NIPUN BHARAT : تحت- بنيادي ٻولي خواندگي امتحان 2022-2023

## وشيہ : ٻولي (سنڌي) درجو : چوٿون

**علمي حاصلات نمبر - ۱:** ڏنل، سڻايل، پڙهيل مذڪر، شعر ٽڪر- بيت وغيره جي باري ۾ چرچا ڪري چتر، وشيہ، پاتر وغيره بابت سوال پُڇي ٿو ۽ پنهنجا مت ظاهر ڪري ٿو.

**اَڌياپڪن لاءِ سوچنا:**

- اَڌياپڪ ٻارن لاءِ بيت سُر ۽ لئہ ۾ پڙهي ڏيکاريندو.
- بيت پڙهڻ کان اڳہ ٻارن کي سوچنا ڏني وڃي تہ بيت ڌيان سان ٻڌو ۽ اُن تي توهان کان سوال پُڇيا ويندا.
- هرهڪ ٻار کي بيت چڱيءَ طرح ٻڌايو وڃي ۽ پوءِ هُن کان سوال پڇيا وڃن.
- هرهڪ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻار کي ڏهہ ۱۰ سيڪنڊ ڏنا وڃن. جيڪڏهن ڪو ٻار ۱۰ سيڪنڊن ۾ جواب نٿو ڏي تہ هُن کان ٻيو سوال پڇيو وڃي.

**هيٺ ڏنل چاڻ ڌيان سان پڙهو.**

ڪانءُ بہ ڪارو، ڪوئل ڪاري،
لات ٻنهي جي نياري نياري.

۱. ڪانءَ جي 'ڪان ڪان' ڪَنَ تي ڪائي،
ڪوئل ڳائي، مَنُ وندُرائي،
من کي موهي ٿي موچاري.

۲. ڪانءَ مِلِ ٿيا جڳ ۾ ڪيئي،
ڪوئِل جهڙا ڪين سپيئي،
مِني کي پائنين دُنيا ساري،

۳. جڳ ۾ هردم منو ٿي هلجي،
سهڻو سُلڇڻو سُنو ٿُ هلجي،
واهہ واهہ! ٿيندي پوءِ چوڌاري.

| سوال | جواب |
|---|---|
| ١.  ڪانءُ ۽ ڪوئل جو رنگ ڪهڙو آهي؟ | ڪارو |
| ٢.  ڪنهنجو آواز من کي موهي ٿو؟ | ڪوئل |
| ٣.  جڳھ ۾ هردم ڪيئن هلجي؟ | منو، سهڻو، سُلڇڻو، سنو |
| ٤.  ڪ سان شروع ٻہ لفظ | ڪانءُ، ڪوئل |
| ٥.  ’ڪان ڪان‘ آواز ڪهڙو پکي ڪري ٿو؟ | ڪانءُ |

## اَڀياس چاڙ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| بيت ٻُڌڻ کان پوءِ ٤ يا ٥ سوالن جو صحيح جواب ڏيندو- ڏيندي | ٣ |
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ ٢ يا ٣ سوالن جو صحيح جواب ڏيڻ تي | ٢ |
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ فقط هڪ سوال جو صحيح جواب ڏيڻ تي | ١ |
| بيت ٻُڌڻ کان پوءِ جواب ڏيڻ ۾ هچڪ ٿيڻ ۽ ڪوبہ جواب صحيح نہ ڏيڻ تي | ٠ |

**علمي حاصلات - نمبر ٢ :** ساهتيہ، پسگردائي، آکاڻي، بيت، سبق وغيره جا جدا جدا روپ پڙهي اُن کي سمجهي اُن لاءِ پنهنجا آزمودا، ويچار پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي ٿو.

## اَڌياپڪن لاءِ سوچنا

- اَڌياپڪ ٻارن کي هٿ ۾ چتر نڪتل ڪارڊشيٽ ڏيندا. ۽ اُنهن کي سُني طرح ڌيان سان ڏسڻ لاءِ چوندا.
- ٻارن کي چتر بابت ستون جوڙي ٻڌائڻ لاءِ وڌيڪ کان وڌيڪ ١ منٽ وقت ڏيندا.
- ڌيان سان ڏسڻ کان پوءِ اُنهن کي ٤ کان ٥ جملا ٻڌائڻ لاءِ چوندا.

## اَڀياس جاچ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| چتر ۾ ڏنل سڀ ڪردار ۽ مدا ڪٽي ۴ کان ۵ ستون ڏيان ۾ رکي صحيح ٻڌائي ٿو. | ٣ |
| چتر ۾ ڏنل سڀ مدا ڌيان ۾ رکي ٢ کان ٣ صحي جملا ٻڌائي ٿو. | ٢ |
| چتر ۾ ڏنل سڀ مدا ڌيان ۾ رکي صرف ١ جملو ٻڌائي ٿو. | ١ |
| ڪجھ بہ نٿو ٻڌائي. | ٠ |

**علمي حاصلات ٣ :** گھر ڪُٽنب ۾ روايتي نموني ٿيل گفتگو، چرچا بابت وٽيل وشيہ لاءِ ٻڌائي ٿو صحي سلسلي، اُچار سان جاڻايل ٽڪر ڌيان سان پڙھي ٿو.

**اُستادن لاءِ هدايتون**

- اَڌياپڪ ڪارڊشيٽ تي لکيل ٽڪر ڌيان سان ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏيندا.
- ٻارن کي ٽڪر ڌيان سان پڙهڻ لاءِ چوندا ۽ اُن جي آڌار تي سوال پڇيا ويندا اِهو ٻارن کي اطلاع ڪرڻ.
- جيڪڏهن هڪ اکر پڙهڻ لاءِ ٻار ۵ سيڪنڊ کان وڌيڪ وقت وٺي لڳائي ٿو تہ اُن کي بيو اڳيان پڙهڻ لاءِ چوڻ.

**نشان جي لاءِ نشاني**

١) جاچ: ڪنهن بہ غلط اُچار يا اڻ پڙهيل لفظ کي سليش (/) سان نشان لڳايو.

٢) صحيح طور پڙهيل لفظ کي Ø سان نشان لڳايو.

**هيٺ ڏنل جاچ ڌيان سان پڙهو ۽ سمجھايو:**

دادا جشن واسواڻي ننڍپڻ کان ئي دياوان آهي. هوُ ٻال اوستا ۾ ئي ڪو فقير کو اَپاهج يا بکايل ڏُکايل ڏسندو هو تہ پنهنجي کيسي جي خرچي اُن کي ڏيئي ڇڏيندو هو..

هڪ دفعي ٻالڪ جشن ڪراچيءَ جي هڪ بازار مان لنگهي رهيو هو تہ سندس نظر رانديڪن جي هڪ دڪان تي پيئي. هو دڪان اَندر گهڙي ويو. اُتي قسمين قسمين جا رانديڪا رکيل هئا اُنهن رانديڪن ۾ هڪ ريل گاڏي بہ هئي. سندس دل هئي تہ هوُ اُها پٽن تي هلندڙ ريل گاڏي خريد ڪري. هُن دڪاندار کان ريل گاڏيءَ جو مُلهہ پڇيو. دڪاندار وراڻيو، ٻہ روپيا. اِهو جواب ٻُڌي ٻالڪ جشن سوچ ۾ پئجي ويو. تن ڏينهن ۾ ٻن روپين جو وڏو مُلهہ هوندو هو. هر ٻار کي

پائي، ٻه پايون يا پئسو خرچي ملندي هئي ٻالڪ جشن خيال ڪيو ته روز هڪ پئسو گڏ ڪري اِها ريل گاڏي خريد ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن هوُساڳئي دڪاندار ڪان وڃي پڇي ايندو هو ته متان اُن ريل گاڏيءَ جو اگهه گهٽ ٿيو هجي. دڪاندار ڪيس چوندو هو ته، ’جڏهن تون ٻه روپيه ڪٺي ايندين، تڏهن ئي توکي اِها ’ريل گاڏي ڏيندس.‘

شاگرد صحيح اَکر پڙهيا ................ ٧٠

شاگرد کي تکر پڙهڻ مهل ...........سيڪنڊ لڳا.

## اَڀياس جاچ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| تقرير ڪيل وقت ۾ صحي اُچار، صحيح لحظي، برابر رفتار ۽ بيهڪن جي نشانين موجب پڙهڻ | ٣ |
| تقرير ڪيل وقت ۾ صحي اُچار، صحيح لحظي، صحيح رفتار ڇُڪن ۾ سُڌارو آڻي تکر پڙهي ٿو. | ٢ |
| ڏنل وقت کان وڌيڪ وقت لڳائي ٿو ۽ اکر پڻ ٿوري يا رُوڪي ڪري پڙهي ٿو. | ١ |
| ڪجهه ٻه برابر نٿو پڙهي ۽ نه چئي ٿو. | ٠ |

عالمي حاصلات -٤ وافق مذڪور جي ڪردارن ۽ آڪاڻي بابت پنهنجا رايا پيش ڪري ٿو.

### اُستادن - ماسترن - اڏياپڪن لاءِ سوچنا.

- جڏهن ٻار تکر پڙهي پورو ڪري ٿو.
- جڏهن ٻار تکر پڙهي پورو تو ڪري ته اُن کان تکر جي آڌار تي الڳ الڳ سوال پڇيو.
- جيڪڏهن ٻار جواب ڏيڻ لاءِ ڪامياب نٿو ٿئي ته اُن سوال لاءِ غير جواب (X) موُجوب نشاني ڏيئي اڳيان وڌو.
- سوال ٻن دفعن کان وڌيڪ نه دُهرايو. ۽ نه پُڇو جيڪڏهن ٻار ’’مون کي جواب نٿو اَچي‘‘ چوي ٿو ته اُن لاءِ % غلط آهي اِهڙي نشاني لڳايو.

| جواب | سوال |
|---|---|
| دادا جشن واسواڻي | ١. ڪير ننڍپڻ کان ئي دياوان آهي؟ |
| رانديڪن | ٢. بازار مان لنگهندي دادا جشن جي نظر ڪهڙي دڪان تي پيئي؟ |
| ريل گاڏي | ٣. پٽن تي ڇا هلندي آهي؟ |
| ٻہ روپيا | ۴. ريل گاڏيءَ جو ملھہ گھڻو هو؟ |
| دڪاندار دادا جشن کي | ٥. ”جڏهن تون ٻہ روپيہ کڻي ايندين، تڏهن ئي توکي اِها ريل گاڏي ڏيندس.“اِهو جملو ڪنهن ڪنهن کي چيو آهي؟ |

شاگردن دوارن ڏنل صحيح جوابن جا نمبر -٥

## اپياس چاڻ

| مارڪون | نيڪال |
|---|---|
| ٣ | ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ۴ کان ٥ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. |
| ٢ | ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ٢ کان ٣ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. |
| ١ | ٽڪر - آڪاڻي پڙهڻ کان پوءِ ١ - ٢ صحيح جواب ڏيئي ٿو. |
| ٠ | جواب ڏيڻ ۾ سوچي ٿو يا ڪوئي جواب ڏيئي نٿو سگهي. |

**عالمي حاصلات -۴** حرف، اِسم، فعل، ظرف، اڪرن جو وري اِستعمال سمجهي ڪري صحيح نموني ڪري ٿو ۽ لکي ٿو.

## اَڌياپڪن جي لاءِ سوچنا:

**هيٺ ڏنل لفظن کي سڃاڻي نہ اُهي ٻالهائڻ جا ڪهڙا لفظ آهن (اِسم، ضمير، فعل ۽ ظرف)**

**مثال: پاڻي -واڻي**

١. راجا -

٢. اَنب -

۳. ٻالهائڻ -

۴. وهڻ -

۵. تڪڙو -

**هيٺ ڏنل سٽن ۾ ......... صحيح فعل چونڊي لکو. (ڪڍي ٿو، پيئي ٿو، وڃي ٿو، ڳائي ٿي)**

۱. گيتا گيت ..................

۲. رام چتر ...................

۳. روشن چانهه ....................

۴. سنيها اِسڪول ..............

## اَڀياس چاڪ

| مارڪون | نيڪال |
|---|---|
| ۳ | ٻنهي سوالن کي ملائي ڇهه کان ست صحي جواب لکي ڏيئي ٿو. |
| ۲ | ٻنهي سوالن کي ملائي ۴ کان ۵ صحي جوال لکي ڏيئي ٿو. |
| ۱ | ٻنهي سوالن کي ملائي ۲ کان ۳ صحيح جواب لکي ٿو. |
| ۰ | هڪ به جواب نٿو لکي. |

•••